بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ترجمو:شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي

# دنيا جي مذهبن ۾ خدا جو تصور

ـــــ ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ:

عبدالجبار شيخ

ليڪچرار گورنمينٽ اسلاميه سائنس ڪاليج سکر

E.Mail: umeir_sangi@yahoo.com

Khabar_khan@hotmail.com

Tel: 0715017382

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گھر

WWW.VOICEOFSINDH.NET

editor@voiceofsindh.net

ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ هڪ وڏو عالم ۽ مقرر آهي جنهن تقابل دين جي علم ۾ هڪ وڏو نالو ڪمايو آهي انهيءَ جون تقريرون ڪتابي شڪل ۾ بہ اچي چڪيون آهن انهن جي تقريرن مان هڪ اهم تقرير هن ڪتاب ۾ شامل آهي اميد تہ دوست انهيءَ تقرير مان فائدو حاصل ڪندا.

مهرباني

## ▪ ترتيب

| عنوان |
| --- |
| تعارف |
| دنيا جي وڏن مذهبن جي درجہ بندي |
| هندو مت ۾ خدا جو تصور |
| سک مذهب ۾ خدا جو تصور |
| پارسي مذهب ۾ خدا جو تصور |
| يهوديت ۾ خدا جو تصور |
| عيسايت ۾ خدا جو تصور |
| اسلام ۾ خدا جو تصور |
| صفات خداوندي |
| توحيد |
| شرڪ |

# تعارف

مذهب ۽ اخلاقيت جي نظام جو هڪ وڏو تعداد اسان جي تهذيب جي هڪ اهم خوبي رهي آهي. انسان جي ازل کان اها ڪوشش رهي آهي ته اهو پهنجي تخليق جو سبب ڄاڻي ۽ ان ڪائنات ۾ پنهنجي سڄاڻ ۽ مقام جي سمجهه حاصل ڪري. اهو هن قدرت جي نظام ۾ پنهنجي سڄاڻ ۽ مقام ڪي ڄاڻڻ لاءِ هميشه ڪوشش ۾ لڳو رهيو آهي.

ممتاز تاريخ دان آرنلڊ صدين تي محيط انساني تاريخ جو مطالعو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پوءِ ان ڏهن جلدن تي مشتمل پنهنجي تحقيق جو نچوڙ پيش ڪيو. ان جي ڪتابن جو خلاصو هي آهي ته پوري انساني تاريخ ۾ مذهب ڪي مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي. 24 آڪٽوبر 1954ع ۾ ”دي آبزرور“ ۾ شائع ٿيل مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”مان ان ڳالهه تي يقين رکان ٿو ته تخليق جي حل جي چابي مذهب وٽ ئي آهي“.

آڪسفورڊ ڊڪشنري مطابق مذهب جي وصف ڪجهه هن طرح آهي:

هڪ اهڙي انساني قوت کان مٿانهين قوت تي يقين رکڻ، خاص ڪري ذاتي خدا يا خدائن تي يقين رکڻ جيڪو اطاعت ۽ عبادت جي لائق هجي.

سمورن مذهبن ۾ اسان کي عالم الغيب ۽ قادر مطلق خدا يا اعلي اقتدار جي مالڪ جو تصور ملي ٿو. پوءِ سمورن مذهبن جي مڃڻ وارن جو هي تصور آهي ته اهي جنهن خدا تي يقين رکن ٿا ۽ جنهنجي فرمانبرداري ڪن ٿا اهو سمورن انسانن جو خدا به آهي.

ڪيترائي ”غير مذهبي“ عقيدا مثال طور مارڪسزم، فرائيڊزم وغيره منظم طور مذهبن جي بنياد تي حملي جي ڪوشش ڪئي آهي. دلچسپ ڳالهه هي آهي ته هي غير مذهبي اعتقاد به ڪنهن مذهبي اعتقاد جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. مثال طور جڏهن ڪيترن ملڪن ۾ ڪميونزم يعني اشتراڪي نظام رائج هيو ته ان جي اشاعت تبليغ ايتري پيماني، انداز ۽ دلي طور تي ڪئي ويندي

هئي جهڙي ريت مذهبن جي تبليغ ڪئي ويندي هئي. مطلب تہ مذهب انساني وجود جو اهم جزو آهي.

قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي تہ:

”اي نبي ﷺ چئہ اي اهل ڪتاب اچو هڪ اهڙيءَ ڳالهہ جي طرف جيڪا اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ هڪجهڙي آهي. هي تہ اسان الله ڪانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريون ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نہ بڻايون ۽ اسان مان ڪوئي الله ڪانسواءِ ڪنهن کي پنهنجو رب نہ بڻائي ان دعوت قبول ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن کو منهن ڦيري تہ صاف چئي ڇڏ تہ شاهد رهجو اسان تہ مسلم(صرف خدا جي بانهپ ۽ اطاعت ڪرڻ وارا) آهيون. “

دنيا جي مذهبن جو مطالعو منهنجي لاءِ گهڻو فائديمند ثابت ٿيو آهي ۽ منهنجو يقين نئين سر مستحڪم ٿيو آهي تہ خدا تعاليٰ هر انسان کي پنهنجي وجود جي سمجهہ سان پيدا ڪيو آهي. انسان جي نفسياتي ترڪيب ڪجهہ ان طرح آهي تہ اهو آساني سان خالق عظيم جو تصور قبول ڪري ٿو. ٻي صورت ۾ خدا جي نہ موجود هئڻ جي لاءِ ان کي ڪيترائي دليل ڏيڻا پون ٿا. ٻين لفظن ۾ خدا تي يقين جي لاءِ کو شرط ناهي مگر خدا جي تصور کي رد ڪرڻ جي لاءِ شرط يا دليلن جي ضرورت پوي ٿي.

# دنيا جي وڏن مذهبن جي درجہ بندي

جيڪڏهن اسان وسيع پيماني تي ڏسون تہ دنيا جي مذهبن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو يعني سامي مذهب ۽ غير سامي مذهب جڏهن تہ غير سامي مذهبن کي وڌيڪ ٻن حصن يعني آريائي ۽ غير آريائي مذهبن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

## سامي مذهب:

سامي مذهب اهي آهن جيڪي سامين ۾ ظهور پذير ٿيا انجيل جي مطابق حضرت نوح عليہ السلام جي هڪ پٽ جو نالو سام هيو ۽ ان جو نسل سامي سڏرائي ٿو. چنانچہ سامي مذهب اهي مذهب آهن جيڪي يهودين، عربن ۽ آشورين وغيره ۾ موجود هئا. يهوديت، مسيحيت ۽ اسلام اهم ۽ وڏا سامي مذهب آهن. هي سمورا مذهب پيغمبري مذهب آهن ۽ ان آسماني هدايتن تي يقين رکن ٿا جيڪي خدا پيغمبرن جي ذريعي زمين تي نازل ڪيا.

## غير سامي مذهب:

جيئن تہ پهريان ٻڌايو ويو آهي تہ غير سامي مذهبن کي وڌيڪ قسمن ۾ ورهايو ويو آهي جيڪي آريائي ۽ غير آريائي مذهب آهن.

## آريائي مذهب:

آريائي مذهب اهي مذهب آهن جن جي شروعات آريائي قوم ۾ ٿي. آريائي قوم ان کي چيو وڃي ٿو جيڪي وڏيون طاقتور هيون ۽ هندي يورپي ٻوليون ڳالهائنديون هيون. هي ٻي هزارئين جي پهرين اڌ(2000 کان1500 ق.م)تائين ايران کان وٺي اتر هندستان تائين پکڙجي ويا هئا. هاڻي آريائي مذهبن کي وڌيڪ ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو پهريون ويدڪ ۽ ٻيا غير ويدڪ. ويدڪ مذهب کي عام طور تي هندو مت ۽ برهميت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ غير ويدڪ مذهبن ۾ سک مذهب ٻڌ مت، ۽ جين ازم وغيره شامل آهن. تقريبن تمام آريائي مذهبن ۾ پيغمبرن جو تصور موجود نہ آهي.

زرتشتي مذهب هڪ آريائي مگر غير ويدڪ مذهب آهي جنهن جو هندو مت سان ڪوبہ تعلق ناهي ۽ انهن جي دعويٰ آهي تہ هي پيغمبرن جو مذهب آهي.

## غير آريائي مذهب:

غير آريائي  مذهبن جي شروعات مختلف جڳهن تي ٿي آهي. ڪنفيوشزم ۽ تائوازم جي سرزمين چين آهي جڏهن ته شنٽو مذهب جاپان ۾ موجود آهي. اهڙن ڪيترن ئي غير آريائي مذهبن ۾ خدا جو تصور موجود ناهي.  انهن کي باقاعده مذهبن جي جڳهه تي اخلاقياتي نظام چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

## مذهب ۾ خدا جي صحيح وصف:

ڪنهن به مذهب ۾ موجود خدا جي تصور کي صرف ان جي ميجيندڙن جي عمل سان نٿو پرکي سگهجي.  ماڻهن کي انهن جي مذهبي ڪتابن جي باري ۾ معلومات جو نه هجڻ هڪ عام ڳالهه آهي.  ان ڪري هي بهتر ٿيندو ته ڪنهن به مذهب ۾ خدا جي تصور کي انهن جي مقدس لکتن جي روشني ۾ ڏٺو وڃي.

اڳتي اسان دنيا جي اهم  مذهبن جي جائزو وٺون ٿا ۽ ڏسنداسين ته انهن جي مقدس ڪتابن ۾ خدا جي تصور جي متعلق ڇا لکيل آهي؟

# هندو مت ۾ خدا جو تصور

هندو مت سمورن مذهبن مان مشهور مذهب آهي. هندو در حقيقت هڪ فارسي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ اهي ماڻهو جيڪي سنڌو ماٿري کان اڳتي وارن علائقن ۾ رهائش پذير آهن. تنهن هوندي عام ڳالهه ٻولهه ۾ هندو مت جي اصطلاح هڪ چادر وانگر آهي جيڪو عقيدن جي مجموعي جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان ۾ اڪثر عقيدا ويد، انشد ۽ ڀڳونت گيتا مان ورتل آهن.

## هندو مت ۾ خدا جي لاءِ رائج عام تصور:

عام طور هندو مت کي اهڙي دين طور ورتو ويندو آهي جنهن ۾ گهڻن خدائن جو تصور موجود آهي. درحقيقت گهڻا هندو ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ۽ انهن مان گهڻا ڪيترن ئي خدائن جي تصور تي يقين رکن ٿا. ڪجهه هندو ٽن خدائن تہ ڪجهه 330 خدائن تي يقين رکن ٿا. ڪجهه پڙهيل لکيل هندو جيڪي پنهنجي ڪتابن جي علم کان واقف آهن چون ٿا تہ هڪ هندو کي صرف ۽ صرف هڪ خدا جي پوڄا ڪرڻ گهرجي.

خدا جي تصور جي باري ۾ هندن ۽ مسلمانن ۾ سڀ کان وڏو فرق هي آهي تہ هندن جو عام عقيدو آهي تہ اهي همہ اوست (Pantheism) جا قائل آهن. همہ اوست يا ڪائنات جي پوڄا جو هي نظريو چوي ٿو تہ هر شيءِ توڙي اها جاندار هجي يا غير جاندار مقدس ۽ الهامي آهي. ان ڪري هندو وڻن، سج، چنڊ، جانورن ۽ حتاڪہ انسانن کي بہ خدا جو پاڇو سمجهندا آهن يعني عام هندو جي لاءِ هرشيءِ خدا آهي.

ان جي الٽ اسلام انسان کي چوي ٿو تہ هو پاڻ کي ۽ پنهنجي چوڌاري شين کي خدا جي تخليق سمجهي.تنهنڪري مسلمان هر شيءِ کي خدا جي ملڪيت سمجهندو آهي.ٻين لفظن ۾ اسان سمجهون ٿا تہ هرشيءِ جو تعلق خدا سان آهي.وڻ، سج، چنڊ ۽ سموريون شيون خدا جون ئي آهن. هي ڪائنات بہ ان سان تعلق رکي ٿي.

هندو ۽ مسلمان ۾ هي وڏو فرق آهي تہ هندن وٽ هرشيءِ خدا ئي آهي جڏهن تہ مسلمانن وٽ هر شيءِ خدا جي آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي تہ

”تہ سڀ ڪان پھرين ھڪجھڙي ڳالھہ ھي آھي تہ اسان ڪنھن جي عبادت نہ ڪريون سواءِ اللہ جي.“

ھاڻي اسان اسلام ۽ ھندو مت جي مقدس تحريرن جو جائزو وٺندي انھن ٻنھي جي وچ ۾ ھڪجھڙيون ڳالھيون ڳولھينداسين.

## ڀڳونت گيتا:

ھندو مت جي سمورن ڪتابن ۾ ڀڳونت گيتا گھڻو مشھور آھي.گيتا جي ھن شعر ڪي پڑھو”جنھن جي سمجھ مادي خواھشن ختم ڪري ڇڏي آھي انھن ديوتائن جي سامھون گوڏا کوڙي ڇڏيا آھن۽ پوءِ پنھنجي مرضي جي مطابق پوڄا جا اصول ناھي ڇڏيا آھن.“ (ڀڳونت گيتا باب 7 شعر 20)

ھتي گيتا چئي ٿي تہ مادہ پرست شخص اصل خدا کي ڇڏي نيم ديوتائن جي پوڄا شروع ڪري ٿا ڇڏين.

اپنشد.....ھن ڪي بہ ھندن جي مقدس ڪتاب جو درجو حاصل آھي. اپنشد جو ھي شعر

”اھو صرف ھڪ آھي ڪنھن ٻئي کانسواءِ“(چندوگيااپنشد 1.2.6)

اپنشد جو ھڪ مصرعو ھي آھي تہ

”نہ ئي ان جا والدين آھن ۽ نہ ئي ڪو خدا“(سويتسوترا اپنشد6.9) حصو ٻيو ص.263

اپنشد جو ھڪ شعر”ان جھڙو ڪوئي ناھي (سويت سوااتراپنشدباب 4.19)

”ڪوئي ان جھڙو ناھي جنھن جو نالو عظمت وارو آھي“

ھاڻي مٿين شعرن کي قرآن جي آيتن سان ڀيٽجي ٿو

ولم يکن لہ کفوا احد

۽ ڪوئي ان جھڙو ناھي

ليس کمثلہ شيءٌ وھو السميع البصير(11.42)

”ڪائنات جي ڪابہ شيءِ ان جھڙي ناھي اھو سڀ ڪجھہ ڏسڻ وارو ۽ ٻڌڻ وارو آھي“

اپنشد جوھيئيون شعر خدا کي مجسم تصور ڪرڻ سان انسان جي عاجز ھئڻ جي طرف اشارو ڪري ٿو

”ان جو پيڪر نظر نٿو اچي ڪا اک ان کي ڏسي نٿي سگهي جيڪي ان کي دل ۽ دماغ سان ڏسن ٿا اهو انهن جي دلين ۾ رهي انهن کي لافاني ڪري ٿو ڇڏي“
قرآن مجيد ان مظهر کي هن آيت ۾ بيان ڪيو آهي
ترجمو:نگاهون ان کي نٿيون ڏسي سگهن ۽ اهو نگاهن کي ماڻي ٿو وٺي ۽ اهو نهايت لطيف ۽ خبر رکندڙ آهي“

**ويد:**

هندو مت جي ڪتابن ۾ ويد سڀ کان اهم ڪتاب سمجهيا وڃن ٿا. ويدن جا چار ڪتاب مشهور آهن يعني رگ ويد، يجر ويد، سام ويد ۽ اٿرا ويد.

(1)**يجر ويد**

هن جو هڪ جملو هي آهي تہ ”ان جو ڪو عڪس ناهي“(يجر ويد 32.3

اڳتي لکي ٿو ”اهو ڪنهن مان پيدا ناهي ٿيو اهو اسان جي عبادت جي مستحق آهي ان جو ڪو عڪس ناهي ۽ يقينن ان جو شان سڀ کان بلند آهي اهو پاڻ کي سج وغيره ۾ قائم رکي سگهي ٿو شايد اهو مون کي نقصان نہ پهچائي اهائي منهنجي دعا آهي اهو ڪنهن مان پيدا ناهي ٿيو ۽ اسان جي عبادت جي لائق آهي“
(2)اهو بغير جسم جي ۽ خالص آهي“

”اهو روشن جسم ڪانسواءِ زخم ڪانسواءِ چتي لڳل ڪانسواءِ ۽ خالص آهي جنهن ۾ برائي گذري نٿي سگهي اهو وڏي نظر وارو عقلمند پاڻ وجود رکڻ وارو اهو اڻ ڪٽندڙ وقتن جي لاءِ مالڪ آهي“
(3)يجرويد ۾ هي بہ لکيل آهي تہ

”جيڪي قدرتي مظهرن جي پوڄا ڪندا اونداري ۾ داخل ٿيندا مثلا هوا، پاڻي ۽ باهہ وغيره“جيڪي سنيوتي جي عبادت ڪندا انڌيرن جي گهرائي ۾ اجا وڌيڪ غرق ٿي ويندا“
سنيوتي جو مطلب شين جي تخليق آهي مثلا ڪرسي ميز ۽ بت وغيره ناهڻ (40.9)
(4)هڪ ٻئي دعا ۾ هيئن بہ آيو آهي تہ

”اسان کي سڌو رستو ڏيکار ۽ انهن گناهن کي هٽائي ڇڏ جيڪي اسان کي بي راه ۽ گمراه بڻائي ڇڏين ٿا“ (40.16)

اٿرا ويد:
ان ڪتاب جو هي شعر پڙهو
”بي شڪ خدا عظيم آهي (20.58.3)
”سوريا تون واقعي عظيم آهين، اديتيا تون عظيم آهين ڇاڪاڻ تون عظيم آهين تنهنجي عظمت جي تعظيم ڪئي ويندي آهي بيشڪ تون عظيم آهين، اي خدا
قرآن چوي ٿو اهو لڪل ۽ ظاهر هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي اهو بزرگ آهي ۽ هرحال ۾ مٿانهون(بالاتر) رهڻ وارو آهي(القرآن13.9)
رگ ويد:
(**1**) سمورن ويدن ۾ رگ ويد سڀ کان وڌيڪ قديم آهي هندن جي نزديڪ هي ٻه هڪ مقدس ترين ڪتاب آهي ان ۾ لکيل آهي ته”مذهبي بزرگ خدا کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيندا آهن“ (1.164.46)
(**2**) رگ ويد ۾ خدا بزرگ و برتر جون جيڪي صفتون بيان ٿيل آهن ان ۾ سڀ کان وڌيڪ خوبصورت صفت رگ ويد جي ٻئي شبڌ جي ٽئين شعر ۾ موجود آهي جتي خدا جي لاءِ ”براهما“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. براهما کي عربي ۾ ترجمو ڪيو وڃي ته ان جي معنيٰ خالق ٿيندي. خدا کي خالق تخليق ڪار يا براهما چوڻ تي مسلمانن کي ڪو اعتراض نه ٿيندو ليڪن مسلمان ان تصور کي قبول نه ڪندا ته خدا بزرگ برتر کي چار هٿ هجن (نعوذبالله) مسلمان ان ڳالهه کي سختي سان رد ڪندا.
خدا کي جسم وارو(Anthropomorphic) يا مادي شڪل ۾ پيش ڪرڻ جي عمل جو انڪار يجرويد جي هن شعر سان ٿئي ٿو”ان جو ڪو عڪس ناهي“(32.3)
رگ ويد جي ڪتاب ٻئي مناجات پهرين جي ٽئين شعر ۾ خدا جي هڪ ۽ عمدي صفت بيان ڪئي وئي آهي. هتي خدا کي ”وشنو“سڏيو ويو آهي.
”وشنو“ جو مطلب پالنا ڪرڻ وارو آهي جيڪڏهن ان کي عربي ۾ ترجمو ڪيو وڃي ته انجو هم معنيٰ لفظ ٿيندو”رب“هڪ دفعو ٻيهر مسلمانن کي ڪو اعتراض نه ٿيندو جڏهن خدا بزرگ و برتر کي رب يا پالڻ وارو يا وشنو سڏيو وڃي مگر هندن ۾ وشنو جو عام مطلب هي آهي ته اهو چئن هٿن وارو خدا

آهي ان جي سچي هٿ ۾ ٿالهہ جنهن کي چڪرو سڏيو وڃي ٿو ڪبي هٿ ۾ قوس هڪ پڪي بہ آهي جيڪو نانگ جي طرف وڃي ٿو پيو خدا جي ڪابہ تصوير مسلمانن جي لاءِ قابل قبول ناهي جيئن پهريان ٻڌايو ويو آهي تہ هي ڳالهہ خود يجرويد جي باب 20 جي 19 شعر جي خلاف آهي

(3)رگ ويد جو هي شعر پڙهو "اي دوستو ان ڪانسواءِ ٻئي جي عبادت نہ ڪريو صرف اهو هڪ خدا آهي"(08.1.1 )

(4)"عقلمند جوڳي پنهنجي ذهن ۽ پنهنجي سوچ جي توجہ حقيقت اعليٰ تي مرڪوز رکندا آهن جيڪو قادر مطلق عظيمۓ حاڪم اعليٰ آهي اهو يڪتا ان جا عمل ۽ ڇهڻ جي عضون کي مليل حڪمن کان بہ آگاہ آهي بيشڪ اهو عظيم آهي ۽ آسمان جو خالق آهي" (5.81)

هندو ويدانيتجي براهما سترا

هن ۾ لکيل آهي تہ "خدا صرف هڪ ئي آهي ڪو ٻيو ناهي هرگز ناهي هرگز ناهي معمولي حد تائين بہ ناهي"

پوءِ اسان چئي سگهون ٿا تہ هندو مت جي ڪتابن جي غير متعصبانہ مطالعي مان ئي ڪو هندو مت ۾ خدا جي تصور کي سمجهي سگهي ٿو.

# سک مذهب ۾ خدا جو تصور

سک مذهب هڪ غير سامي، آريائي مگر غير ويدڪ مذهب آهي.توڙي جو هي دنيا جي وڏن مذهبن ۾ شامل نہ ناهي مگر هي هندو مت مان ڦٽندڙ هڪ شاخ آهي.جنهن جو بنياد پندرهين صدي جي آخر ۾ رکيو ويوهو. ان مذهب کي مڃڻ وارن جي رهائش پاڪستان ۽ اتر اولهہ ڀارت جي ان علائقي تي مشتمل آهي جنهن کي پنجاب سڏيو وڃي ٿو جنهن جو مطلب آهي پنج دريائن جي سرزمين. گرونانڪ هڪ هندو خاندان جي کتري ذات واري خاندان ۾ اک کولي مگر هو اسلام ۽ مسلمانن کان گهڻو متاثر هيو.

## سک ۽ سک مذهب جي وصف:

لفظ "سک" در اصل "سيسيا" مان ورتل آهي.ان جي معني مريد يا پيروڪار آهي.ان مذهب ۾ ڏهہ گرو آهن. گرونانڪ سڀ کان پهريون گرو جڏهن تہ گرو گوبند سنگهہ ڏهون ۽ آخري گرو گذريو آهي.سک مذهب جي مقدس ڪتاب جو نالو سري گرو گرنٿ آهي جيڪو جوادي گروگرنٿ صاحب جي نالي سان مشهور آهي.

## "پنج ڪاف":

سک مذهب ۾ هر سک جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو پنهنجي سڃاڻ لاءِ پنج شيون پاڻ وٽ رکي

(1)ڪيش............. وار نہ ڪوڙائي ڇاڪاڻ تہ تمام گرو وار نہ ڪٽائيندا هئا.

(2)ڪنگهو........... مٿي جي وارن کي هموار ۽ صاف رکڻ جي لاءِ ڦڻي رکي.

(3)ڪڙو........... اسٽيل يا لوهہ جي ٺلهو ڪنگڻ پائي جيڪا طاقت جي نشاني لاءِ پاتو وڃي ٿو

(4)ڪرپان. ....... خنجر جيڪو پنهنجي بچاءَ لاءِ رکيو وڃي ٿو.

(5)ڪڇو....... چستي ۽ ڦڙتي لاءِ پاجامو پاتو وڃي ٿو جنهن جي ڊيگهہ گوڏن تائين هوندي آهي.

# مل منترا......... سکن جا بنيادي عقيدا

خدا جي تصور جي لحاظ سان ڪنهن بہ سکَ جي تصورن ڪي سنئي انداز ۾ مل منترا ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو.”مل منترا“سکن جي بنيادي عقيدن جي مجموعي ڪي چيو وڃي ٿو. ان ڪي گرو گرنٿ صاحب جي منڍ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.سري گرنٿ صاحب جي جلد پهرين، جو شعر آهي تہ ”صرف هڪ خدا جو وجود آهي جيڪو حقيقتن تخليق ڪرڻ وارو آهي اهو خوف ۽ نفرت کان آزاد آهي اهو ڪنهن مان پيدا نہ ٿيو آهي مگر لافاني آهي اهو پاڻ وجود رکندڙ آهي عظيم ۽ رحيم آهي“

سِکُ مذهب پنهنجي مجڻ وارن کي وحدانيت جي سختي سان تلقين ڪري ٿو ان جو مطلب آهي تہ هڪ ئي رب اعليٰ آهي اهو هڪ غير واضح ۽ مبهم صورت ۾ موجود آهي جنهن کي ”هڪ اومڪارا“سڏيو وڃي ٿو.

جڏهن خدا جون واضح صفتون بيان ڪيون وڃن تہ ان کي اومڪارا سڏجي ٿو. سک مذهب ۾ خدا جون ڪيتريون ئي صفتون بيان ڪيل آهن.

ڪرتار.................. خالق

صاحب................. بادشاهہ

اڪال.................. ابدي(هميشہ رهندڙ)

سنتنا نام............. مقدس نالو

پروردگار........... محبت سان پالنا ڪرڻ وارو

رحيم................ رحم ڪرڻ وارو

ڪريم.............. خير خواهہ ۽ ڪرم ڪرڻ وارو

سک مذهب ۾ خدا جي لاءِ ”واهہَ گرو“يعني ”هڪ سچو خدا“ جا لفظ بہ آيل آهن.

جيئن تہ سک مذهب وحدانيت جي سختي سان تلقين ڪري ٿو ان لاءِ ان ۾ اوتارويدا تي يقين بلڪل ناهي جنهن کي ”تجسيم“(حل پذير ٿيڻ) جو عقيدو چيو وڃي ٿو. سک مذهب ۾ خدا پنهنجي جسم کي تبديل ڪري ٻئي شڪل ۾ نٿو آٽي ۽ اهڙي طرح اوتار جو تصور بلڪل ناهي.سک مذهب، بت پرستي جي بہ سخت مخالفت ڪري ٿو.

## گرو نانڪ تي ڪبير جو اثر:

گرونانڪ سنت ڪبير جي ڳالهين کان گھڻو متاثر هيو لھٰذا شري گرونانڪ صاحب جي گھڻن بابن ۾ سنت ڪبير جا شعر ملن ٿا.ان مان ڪجھہ شعر هي آهن:

”هر هڪ مشڪل ۾ تہ خدا کي ياد رکي ٿو مگر امن ۽ خوشي ۾ ان کي ڪو ياد نٿو ڪري جيڪو آسودگي ۽ خوشحالي ۾ بہ خدا کي ياد رکندو ان تي مصيبت ڇو ايندي؟“

هاڻي انهن شعرن جو قرآن مجيد جي هينين آيتن سان ڀيٽ ڪريو ترجمو..”انسان تي جڏهن ڪا مصيبت اچي ٿي تہ اهو پنهنجي رب جي طرف رجوع ٿي ان کي سڏي ٿو پوءِ جڏهن ان جو رب ان کي پنهنجي نعمت سان نوازي ٿو تہ اهو ان مصيبت کي وساري ڇڏي ٿو جنهن کي هو پهريان سڏي رهيو هو ۽ ٻين کي الله سان شريڪ ڪري ٿو تان تہ ان کي راهہ مان گمراهہ ڪري ڇڏي(اي نبي صہ) ان کي چئہ تہ ٿورا ڏينهن پنهنجي ڪفر سان مزا وٺي ڏسي يقينن تون دوزخ ۾ وڃڻ وارو آهين (القرآن 39.8)

# پارسي مذهب ۾ خدا جو تصور

پارسي مذهب هڪ قديم آريائي مذهب آهي جنهن جو ظهور 2500 ق.م فارس ۾ ٿيو هو. توڙي جو ان مذهب کي مڃڻ وارا تمام ٿورا آهن يعني سموري دنيا ۾ هڪ لک ٽيهه هزار کان به گهٽ پارسي آهن. مگر هي دنيا جو قديم مذهبن مان هڪ آهي.هڪ ايراني پيغمبر زرتشت ان مذهب جو بنياد رکيو ان ڪري ان مذهب کي زرتشتي به چيو وڃي ٿو. پارسين جي مقدس ڪتابن ۾ دساتير ۽ آوستا شامل آهن.

پارسي مذهب ۾ خدا جي لاءِ "اهور مزدا"جو نالو آيو آهي "اهور"جو مطلب "آقا"۽ "مزدا" جو مطلب عقلمند آهي. تنهنڪري اهور مزدا جو مطلب ٿيندو عقلمند آقا يا عقلمند مالڪ. اهور مزدا جي تصور ۾ به هڪ خدا جي تصور جو گهڻو دخل آهي.

## دساتير جي مطابق خدا جون صفتون:

دساتير ۾ خدا جي لاءِ هي صفتون بيان ڪيون ويون آهن.

(1)اهو هڪ آهي.

(2)ان جو ڪو مٽ ناهي.

(3)نه ان جي ابتدا آهي ۽ نه انتها.

(4)نه ان جو ڪو پيءُ آهي نه ان جو ڪوپٽ نه ڪا زال آهي ۽ نه ڪا اولاد.

(5)اهو بي جسم ۽ بي شڪل آهي.

(6)نه اک ان کي ڏسي سگهي ٿي نه فڪري قوت ان کي تصور ۾ آني سگهي ٿي.

(7) هو سڀ کان وڌيڪ آهي جنهن جي متعلق اسان سوچي سگهون ٿا.

(8)هو اسان کي سيني کان وڌيڪ ويجهو آهي.

## خدا جون صفتون آوستا جي مطابق:

آوستا، گتا ۽ ينسا جي مطابق اهور يزدا جون ڪيتريون ئي صفتون آهن مثلا

(1) **خالق** (سينا 7.31.11) (2) **گھٽي قوت وارو** (سينا 11.33)

(3)**داتا** (سينا 3.48) (4)**سخي اسپينتا** (سينا 3.48)

# يهودي مذهب ۾ خدا جو تصور

يهودي مذهب سامي مذهبن مان هڪ اهم مذهب آهي.ان جي مڃڻ وارن کي يهودي سڏبو آهي ۽ اهي حضرت موسيٰ عليہ السلام تي ايمان آڻن ٿا.

(1) هيٺيون آيتون عهد نامہ عتيق جي پنجين باب ڪتاب ثانيہ ۾ لکيل آهن ان ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام نصيحت ڪندي فرمائن ٿا عبراني آيت جو ترجمو ڪجهہ هن طرح آهي:

”ٻڌو اي بني اسرائيل! اسان جو مالڪ خدا آهي اهو هڪ مالڪ آهي(4.6)

(2) مان ئي خدا آهيان ٻيو ڪوبہ ناهي مون ڪانسواءِ خدا ناهي (9.46)

يهوديت ۾ بت پرستي جي مخالفت هيٺين آيت مان ظاهر آهي

”مون ڪانسواءِ ڪو خدا ناهي اوهان کي گهرجي تہ منهنجي تصوير نہ ٺاهيو مون سان ڪو بہ مشابهت نٿو رکي نہ آسمان تي، نہ زمين تي ۽ نہ وري پاڻي ۾ تنهنڪري اوهان ڪنهن جي اڳيان نہ جهڪو ان جي طرف نہ نهاريو مان ئي اوهان جو خدا آهيان (خروج 5.3.20)

(4) ڪتاب ثانيہ ۾ هن طرح بہ بيان ٿيل آهي:

”مون ڪانسواءِ ڪو خدا ناهي تنهنڪري منهنجي تصوير نہ ٺاهيو آسمانن ۾ ۽ زمين جي مٿان ۽ پاڻي جي اونهائين ۾ ڪو بہ منهنجو مَٿُ (ثاني ) ناهي پوءِ اوهان کي گهرجي تہ توهان ان کي سجدو نہ ڪريو ۽ نہ ئي ان جي خدمت ڪريو مان ئي خدا ۽ مالڪ آهيان (9-7.5)

♥♥♥♥

# عيسائيت ۾ خدا جو تصور

عيسائيت هڪ سامي مذهب آهي. دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته سموري دنيا ۾ تقريبن ٻه ارب ان مذهب جا پوئلڳ آهن. عيسائي حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي يقين رکن ٿا. اسلام ۾ به حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو وڏيڪ احترام ڪيو وڃي ٿو. اسلام اهو واحد غير مسيحي مذهب آهي جيڪو حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي ايمان جي تلقين ڪري ٿو.

ان کان اڳ جو اسين عيسائيت ۾ خدا جي تصور بابت ڳالھ ڪريون اسان پهريان اسلام ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي حيثيت جي ڳالھ ڪريون ٿا.

(1) اسلام واحد مذهب آهي جيڪو حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي اعتقاد جو حڪم ڏئي ٿو جيڪڏهن ڪو مسلمان حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي ايمان نٿو رکي ته اهو مسلمان ناهي.

(2) اسان يقين رکون ٿا ته اهو بغير پيءُ جي معجزي طور پيدا ٿيو جڏهن ته اڄ جا عيسائي ان تي يقين نٿا رکن.

(3) اسان جو يقين آهي ته اهو خدا جي حڪم سان مئلن کي زندھ ڪندو هو.

(4) اسان يقين رکون ٿا ته هو الله تعاليٰ جو عظيم ۽ برگزيده پيغمبر آهي.

(5) اسان هي به يقين رکون ٿا ته هو خدا جي عطا سان پيدائشي انڌن ۽ ڪوڙھ جي مريضن کي چڱو ڀلو ڪندو هو.

هاڻي اتي هي سوال اڀري ٿو ته جڏهن مسلمان ۽ عيسائي ٻئي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو احترام ۽ ان سان محبت ڪن ٿا ته ڪنهن جڳھ تي انهيءَ ٻنهي مذهبن جون راهون جدا ٿين ٿيون. اسلام ۽ عيسائيت ۾ هڪ واضح فرق هي آهي ته عيسائي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي الله جي حيثيت ڏين ٿا. عيسائين جي مقدس ڪتابن جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪڏهن به خدائي جي دعويٰ نه ڪئي.درحقيقت سموري انجيل مقدس ۾ هڪ جملو به اهڙو ناهي جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هي بيان ڪيو هجي ته ”مان خدا آهيان“ يا ”منهنجي عبادت ڪريو“ دراصل انجيل مقدس ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي طرف منسوب ڪيل ڳالهيون ان جي بلڪل ابتڙ آهن.

انجيل مقدس ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان منسوب تيل ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

”منهنجو پيءُ مون کان عظيم آهي“(يوحنا 14-28)

”منهنجو پيءُ سڀ کان بلند ۽ عظيم آهي“ (يوحنا 29-10)

”مان خدا جي حڪم سان شيطانن کي مات ڏيان ٿو(متيٰ 28-21)

”........خدا جي آڱر سان شيطانن کي ٻاهر ڪڍان ٿو(لوقا 20-11)

”مان پاڻ پنهنجي پاڻ سان ڪجھ نٿو ڪري سگهان مان ٻڌان ٿو، پيٺيان ٿو، ۽ منهنجي راءِ صحيح هوندي آهي.ڇاڪاڻ تہ ان ۾ منهنجي ڪوشش نہ هوندي آهي بلڪ منهنجي خدا جي مرضي هوندي آهي جنهن مون کي موڪليو آهي“

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو مقصد....... قانون جي تڪميل:

حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪڏهن بہ رب هئڻ جي دعويٰ نہ ڪئي.ان پنهنجي پروگرام جي متعلق صاف ٻڌايو آهي.حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي خدا بزرگ برتر يهوديت جي تڪميل ۽ تصديق جي لاءِ موڪليو هو. هيٺ متيٰ ۾ ان ڳالهہ جو واضح ثبوت موجود آهي.

”هي نہ خيال ڪجانءِ تہ مان قانون يا رسالت کي ختم ڪرڻ آيو آهيان. مان انکي تباھ ڪرڻ جي بجاءِ ان کي پورو ڪرڻ آيو آهيان جيسيتائين زمين و آسمان آهن قانون جو هڪ ذرو بہ تعميل کانسواءِ نہ رهندو ايسيتائين جو سڀ تي عمل تي ويندو

جيڪوبہ معمولي حڪم کي ٽوڙيندو ۽ ماڻهن کي ان جي تعليم ڏيندو جنت ۾ ان جو نالو آخر ۾ پڪاريو ويندو مگر جيڪو بہ ان مطابق عمل ڪندو ۽ تعليم ڏيندو ان کي جنت ۾ عظيم نالي سان پڪاريو ويندو (17.20-5)

## خدا حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي زمين تي موڪليو:

انجيل ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پيغمبرانہ مشن جي لاءِ هيٺين آيتن مان اشارو ملي ٿو

”..........۽ جيڪي لفظ اوهان ٻڌو ٿا اهي منهنجا ناهن بلڪ ان پيءُ جا آهن جنهن مون کي موڪليو(24-14)

”۽ هي زندگي لافاني آهي شايد هو هڪ سچي خدا کي سڃاڻي وننڊا مون کي بہ ان موڪليو آهي“(3-17)

اهڙي ريت حضرت عيسيٰ عليہ السلام پنهنجي خدا هئڻ جي معمولي اشاري کي بہ رد ڪيو آهي. انجيل جو هڪ ٻيو جملو هيٺ ڏجي ٿو

”هڪ شخص اچي ٿو ۽ ان کي چوي ٿو ”سنا مالڪ“ مان ڪهڙا چڱا ڪم ڪريان تہ ابدي زندگي ملڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهان؟“ پوءِ هو ان کي چوي ٿو تہ ”تون مون کي سنو ڇو چيو؟ ڪو خدا ناهي سواءِ هڪ خدا جي ليڪن جيڪڏهن تون زندگي ۾ داخل ٿيڻ گهرين ٿو تہ الله جي حڪمن کي مڃ“

مٿي بيان ڪيل بيان ان مسيحي فڪر جو انڪار ڪن ٿا تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام اهائي هدايت ڪئي هئي تہ ڇوٽڪارو صرف ان صورت ۾ ملي سگهي ٿو تہ جڏهن الله جي حڪمن تي عمل ڪيو ويندو.

## حضرت عيسيٰ عليہ السلام خدا جو منظور ٿيل ٻانهو:

انجيل جو ڏنل هيٺ بيان اسلامي عقيدن جي تائيد ڪري ٿو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام خدا جو پيغمبر هيو.

”اي بني اسرائيل! هي لفظ ٻڌو خدا اوهان کي هڪ شخص يسوع ناصري کي منظور ڪيو آهي تہ هو معجزا، ڪرشما ۽ نشانيون ٻڌائي جيڪي خدا ڏنيون آهن ۽ اوهان جي درميان ڏيکاريون آهن ۽ اوهان پاڻ بہ ڄاڻي وٺندو“

پهريون حڪم تہ خدا هڪ آهي

انجيل مسيحيت جي نظرئي تثليث(ٽن خدائن) جي تائيد نٿي ڪري.مقدس ڪتاب جو مواد لکڻ واري هڪ شخص جڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان پڇا ڪئي تہ سڀ کان وڏيڪ پهريون الله جو حڪم ڪهڙو آهي؟ تہ ان صرف اهائي ڳالهہ دهرائي جيڪا حضرت موسيٰ عليہ السلام چئي هئي.هي هڪ عبراني جملو هيو جنهن جو ترجمو هي آهي تہ:

خداوند اسان جو خدا هڪ ئي خداوند آهي“ (مرقس 29-12)

♥ ♥ ♥ ♥

# اسلام ۾ خدا جو تصور

اسلام هڪ سامي مذهب آهي. سموري دنيا ۾ اسلام کي مڃڻ وارن جو تعداد تقريبن هڪ ارب ويهہ ڪروڙن کان بہ وڌيڪ آهي.اسلام جو مطلب آهي"الله جي مڪمل اطاعت ڪرڻ ..........

مسلمان قرآن مجيد کي الله تعاليٰ جو ڪتاب مڃن ٿا جيڪو حضرت محمد صليٰ الله عليہ وسلم تي وحي جي ذريعي نازل ٿي ڪري اسان تائين پهتو. اسلام چوي ٿو تہ سمورين قومن ڏانهن الله تعاليٰ پيغمبرن ۽ رسولن جي ذريعي پنهنجي وحدانيت جو پيغام ۽ آخرت ۾ احتساب جو پيغام موڪليو آهي.ان لاءِ اسلام مسلمانن کي تلقين ڪري ٿو تہ اهي پهرين سمورن پيغمبرن تي ايمان رکن. حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي حضرت عيسيٰ عليہ السلام تائين جيڪي پيغمبر آيا انهن تي ايمان آڻڻ لازمي آهي.

## خدا جي نهايت جامع وصف

اسلام ۾ خدا جي نهايت جامع ۽ مختصر وصف سوره اخلاص جي چئن آيتن ۾ موجود آهي هي قرآن مجيد جي 112 سوره آهي.

- ❖ قل هو الله احد
- ❖ الله الصمد.
- ❖ لم يلد ولم يولد
- ❖ ولم يكن لہ كفوا احد

ترجمو: (اي پيغمبر)چئو تہ الله هڪڙو ئي آهي الله بي پرواهہ آهي(ڪيس ڪنهن جي پرواهہ نہ آهي ۽ ڪنهن شيءِ جو محتاج نہ آهي) نہ ان مان ڪو پيدا ٿيو نہ پاڻ ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي ۽ نہ وري ڪا هستي ان جو مٽُ آهي.

لفظ"الصمد"جو ترجمو ٿورو مشڪل آهي ان جو مطلب آهي تہ هميشہ رهڻ وارو ۽ هي صفت صرف الله جي تي سگهي ٿي.باقي جاندار شيون عارضي آهن. ان جو هڪ مطلب هي بہ آهي تہ الله ڪنهن جو محتاج ناهي بلڪہ سموري مخلوق ۽ شيون ان جون محتاج آهن.

## سوره اخلاص.........نبين جي پرک

قرآن مجيد جي سوره اخلاص دين جي بهترين پرک آهي.چئن آيتن تي مشتمل هي سوره خدا جي مطالعي جي لاءِ هڪ پرک ۽ پيماني جو درجو رکي ٿي.جيڪڏهن ڪو خدائي جو اميدوار آهي ته هي ضروري آهي ته ان کي به ان ڪسوٽي تي پرکيو وڃي.هن سوره ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي واري صفت جو احاطو ڪيو ويو آهي.هن سوره جي روشني ۾ ڪوڙن خدائن جي اميدوارن کي آساني سان رد ڪري سگهجي ٿو.

## اسلام ديوتائن جي متعلق ڇا ٿو چوي؟

ڀارت جي باري ۾ اڪثر هي چيو وڃي ٿو ته هي ديوتائن جي سر زمين آهي.ان جو سبب هي آهي ته ڀارت ۾ روحاني استادن جو هڪ وڏو تعداد موجود اهي.دنيا ۾ انهن پيرن ۽ بزرگن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي.اسلام ڪنهن به انسان جي مجسمي جي پوڄا ڪرڻ جي سخت منع ڪئي آهي.

خدائي جي دعويدارن جي پوئلڳن لاءِ اسلام جي روشني ۾ اهڙي هڪ ”خدائي ٻانهي“ ”اوشو رجنيش“ جو جائزو ڏجي ٿو. رجنيش ڀارت ۾ پيدا ٿيڻ وارن لاتعداد استادن مان هڪ آهي.مئي 1981ع ۾ هو امريڪا ويو ۽ اتي ”رجنيش پورم“ نالي هڪ علائقو قائم ڪيو. پوءِ ان مغرب ۾ هڪ فراڊ ڪيو ۽ آخرڪار گرفتار ٿيو ۽ ان کي ملڪ بدري جو حڪم مليو. هو ڀارت موٽي آيو ۽ پونا ۾ هڪ فرقي جو بنياد رکيو جنهن کي ”اوشو“ فرقو چيو وڃي ٿو. 1990ع ۾ ان جو ديهانت ٿيو. رجنيش کي مڃڻ وارا خدا چون ٿا. پونا ۾ اوشو جي مرڪز تي جيڪڏهن ڪو وڃي ته ان جي مزار تي هي لکيل آهي،

”اوشو.......نه پيدا ٿيو ۽ نه مئو آهي ان 11 ڊسمبر 1931ع کان وٺي 19 جنوري 1990ع تائين صرف هن سياري يعني زمين جو دورو ڪيو“

هتي ان جا پيروڪار هي وساري ويهن ٿا ته ان کي 21 مختلف ملڪن جو ويزو نه مليو هو. رجنيش جا پيروڪار پنهنجي ”خدا“ کي زمين تي دوري ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نظر نه ٿي اچي مگر انهن جي خدا کي ڪنهن ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ ويزا جي ضرورت پوندي رهي ٿي.

هاڻي اسان ان خدائي جي ان دعويدار کي پڳوان رجنيش کي سوره اخلاص جي روشني ۾ پرکيون ٿا ڇاڪاڻ تہ اهائي الہ جي ڪسوٽي آهي.
(1)سوره اخلاص ۾ خدا جي لاءِ درج پهرين شرط هي آهي تہ "چئہ تہ الله هڪڙو ئي هڪ آهي"

ڇا رجنيش هڪ ۽ واحد آهي؟ نہ رجنيش جهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جنن خدائي جي دعويٰ ڪئي هئي. ليڪن انهن جي مڃڻ وارن مان ڪجهہ انکي اڪيلو مڃن ٿا.
(2) ٻي ڪسوٽي هي آهي تہ هو"معبود برحق آهي" يقينن رجنيش بي نياز ۽ لافاني نہ هيو ۽ 1990ع ۾ مري ويو. ان جي سوانح عمري مان معلوم ٿئي ٿہ هو ذيابيطيس دمہ ۽ ڇيلهہ جي سخت تڪليف ۾ مبتلا هيو. ان الزام لڳايو هو تہ امريڪي جيل ۾ حڪومت ان کي آهستي اثر ڪرڻ وارو زهر ڏنو هو. تصور ڪريو تہ ڇا خدا کي زهر ڏئي سگهجي ٿو (نعوذبالله) تہ رجنيش بي نياز ۽ لافاني نہ هيو.
(3) ٽئين ڪسوٽي هي آهي تہ "نہ ڪنهن جو پيءُ آهي ۽ نہ وري پٽ" اسان ڄاڻون ٿا تہ رجنيش جبل پور ڀارت ۾ پيدا ٿيو هو ان جا ماءُ پيءُ هيا جيڪي بعد ۾ ان جا پيروڪار بڻيا.
(4) چوٿين ڪسوٽي سخت آهي اها هي آهي تہ "ڪوئي ان جو مَٽُ ناهي"ان موقعي تي اوهان"خدا" جو تصور ڪري ڀئي خدائي اميدوار سان ان جي ڀيٽ ڪريو ۽ سوچو تہ ايئن ناممڪن آهي.هڪ سچي خدا جي ذهني تصوير ٺاهڻ ناممڪن آهي.اسان ڄاڻون ٿا تہ رجنيش هڪ ڊگهي ڏاڙهي وارو انسان هيو. ان کي ٻہ ڪن، ٻہ اکيون، هڪ نڪ ۽ هڪ منهن هيو جيڪي وڏي تعداد ۾ ٻين ماڻهن ۾ بہ موجود آهن ان جون تصويرون ۽ پوسٽر بہ نمايان آهن. اوهان تصور ڪيو تہ خدا ڇا هوندو آهي؟ يقينن اهو (رجنيش) خدا ناهي.

هاڻي خدا جي تصور جي ڀيٽ "مسٽر يونيورس " سان ڪريو جيڪي جسماني لحاظ کان دنيا جو طاقتور انسان آهي هاڻي ان پرک جا نتيجا ڇا ٿا ٿي سگهن. اهوئي تہ ان ڪسوٽي تي ڪو پورو ٿي نٿو سگهي سواءِ "سچي خدا جي".
اسان خدا کي ڪنهن نالي سان سڏيون

مسلمان انگريزي لفظ ”God“ جي بجاءِ لفظ ”الله “ کي ترجيح ڏيندا آهن. عربي ۾ هي نالو ”الله“ خاص ۽ يکتا آهي جڏهن ته انگريزي لفظ God ان جي جاءِ نٿو وٺي سگهي ڇاڪاڻ ته انگريزي لفظ ۾ تبديلي جي گنجائش موجود آهي.

جيڪڏهن اوهان لفظ ”God“ جي آخر ۾ s جو اضافو ڪريون ته هي Gods بڻجي ويندو يعني خدا جو جمع ان جي مقابلي ۾ لفظ الله هڪ ۽ واحد آهي ۽ ان کي جمع جي صيغي ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.هاڻي جيڪڏهن اوهان God جي لفظ اڳيان Dess جو اضافو ڪندو ته هيGodess ٿي ويندو جنهن جو مطلب آهي ته خدا جو مونث جڏهن ته مذڪر الله Male Allah ۽ مونث الله FemaleAllah جهڙي شيءِ ڪابه ناهي.اهڙي طرح انگريزي لفظ God ۾ Tin جو لفظ اڳيان لڳائجي ته هيTin God بڻجي ويندو جنهن جي معني آهي نقلي خدا ليڪن ”الله“ لفظ منفرد ۽ يڪتا لفظ آهي جنهن کي اچاريندي ڪا تصوير ذهن ۾ نٿي اچي ۽ لفظ کي هيڏي هوڏي ڪندي راند به نٿي ڪري سگهجي. اهڙي طرح مسلمان لفظ الله چوڻ کي ترجيح ڏين ٿا تنهن هوندي ڪڏهن ڪڏهن غير مسلمن سان ڳالهه ڪندي لفظ ”God“ جو لفظ نڪري وجي ٿو جيڪو مناسب لفظ ناهي جيئن ته هن ڪتاب ۾ منهنجا مخاطب مسلم ۽ غير مسلم ٻئي آهن ان ڪري مان مضمون ۾ گهٽين جڳهن تي الله جي جڳهه تي لفظ ”خدا“ استعمال ڪيو آهي.

## خداءِ انسان نٿو ٿي سگهي

ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته جڏهن خدا سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ته اهو انساني شڪل ۾ چونه ٿو اچي سگهي؟ جيڪڏهن خدا گهُري ته انساني صورت ۾ اچي سگهي ٿو ليڪن ان ڪانپوءِ اهو خدا نه رهندو ڇاڪاڻ ته خدا ۽ انسان جون خصوصيتون ڪيترن ئي لحاظن کان مختلف آهن. اڳين صفحن ۾ اوهان پڙهندو ته خدا جي انسان بنجڻ متعلق ڪيترا تضاد موجود آهن.

پهرين ڳالهه هي ته خدا لافاني يعني هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو جڏهن ته انسان فاني آهيۓ ان کي موت اچي ٿو. ڪو شخص به خدائي انسان ”Godman“ نٿو ٿي سگهي يعني اهڙو انسان جيڪو ڪڏهن نٿو مري يعني هڪ ئي وقت انسان به هجي ۽ ان سان گڏ لافاني به هجي هي ٻي تڪي ڳالهه آهي.خدا جي ابتدا ئي نه آهي جڏهن ته انسان جي ابتدا ٿئي ٿي.ڪو انسان اهڙو موجود ناهي جنهن جي ابتدا نٿي هجي ۽ ٿي به هجي پوءِ انسان تي آخري وقت به اچي ٿو اهڙو ڪو

شخص موجود ناهي هڪ ئي وقت ان جو اختتام بہ نہ هجي ۽ هجي بہ انڪري هي ڳالھ بي معنيٰ آهي.خدا بزرگ برتر کي غذا جي ضرورت ناهي جڏهن تہ انسان کي زندھ رهڻ جي لاءِ ۽ نشونما لاءِ غذا جي ضرورت پوي ٿي.

"قل اغير الله اتخذ وليا فاطر السماوات والارض وهو يطعم ولا يطعم(6-14)

ترجمو."چئہ الله کي ڇڏي ڇا مان ڪنهن ٻئي کي پنهنجو سرپرست بڻايان؟ ان خدا کي ڇڏي جيڪو زمين ۽ آسمان جو خالق آهي ۽ جيڪو رزق ڏئي ٿو رزق وٺي نہ ٿو"

خدا کي آرام ۽ ننڊ جي ضرورت ناهي جڏهن تہ انسان ايئن نٿو ٿي سگهي جو بنا آرام جي لڳاتار زندھ رهي سگهندو هجي.

"الله لااله هو الحي القيوم ولا تاخذه سنہ ولا نوم (255-2)

ترجمو.الله (جو شان هي آهي تہ صرف اهو ئي آهي معبود برحق آهي هن) ڪان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي هو جيئرو آهي نہ ان کي ننڊ اچي ٿي نہ پنڪي.

## ڪنهن ٻئي انسان جي عبادت فضول آهي:

جهڙي طرح خدا جي انسان هئڻ جو خيال نہ مجڻ ۾ اچڻ وارو آهي اهڙي ريت اسان کي ان ڳالھ تي بہ اتفاق آهي تہ ڪنهن ٻئي انسان جي پوڃا ڪرڻ بہ بيڪار آهي.جيڪڏهن خدا انسان جو روپ اختيار ڪري وٺي تہ اهو خدا نہ رهندو بلڪ ان جون سموريون خصوصيتون انسانن جهڙيون ئي هونديون مثال طور هڪ ذهين پروفيسر ڪنهن حادثي جو شڪار بڻجي پنهنجي يادگيري وساري وينو تہ ان کان شاگردن جو علم سکڻ بيوقوفي هوندي.

جيڪڏهن خدا جي انساني صفت کي مڃي بہ وٺجي تہ ان جو ٻيهر خدائي صفت ۾ اچڻ ناممڪن رهندو ڇاڪاڻ تہ انسان جي وصف ۾ هي ڳالھ موجود آهي تہ هو خدا نٿو بڻجي سگهي تنهنڪري ڪنهن انسان کي خدا سمجهي پوڃا ڪرڻ محض هڪ منطقي مغالطو هوندو جيڪو پنهنجي تمام صورتن ۾ نفرت جي لائق آهي.

اهوئي سبب آهي تہ قرآن مجيد خدا جي انساني روپ ۾ اچڻ واري هر هڪ تصور کي رد ڪري ٿو.

"ليس ڪمثلہ شيء وهو السميع البصير (11.42)

ترجمو..ڪائنات جي ڪابہ شيءِ ان جهڙي ناهي هو سڀ ڪجهہ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو آهي

خدا غير خدائي ڪم نٿو ڪري سگهي

خداءِ بزرگ برتر کان ڪنهن غلط ڪم جي توقع رکڻ محال آهي ڇاڪاڻ تہ هو انصاف، رحم، ڪرم، سچائي جو سرچشمو آهي. خدا جي باري ۾ هي سوچي بہ نٿو سگهجي تہ هو اهڙا ڪم ڪندو جيڪي ان جي شان کان گهٽ هجن. ان ڪري اسان هي سوچي بہ نٿا سگهون تہ خدا غلط بياني نانصافي، غلطي ڪري انسانن وانگر شين کي وساري ڇڏڻ جهڙا ڪم ڪري سگهي ٿواهڙي طرح خدا ناانصافي تي قدرت تہ ضرور رکي ٿو مگر ايئن ڪڏهن نہ ڪندو ڇاڪاڻ تہ نا انصافي جو عمل هڪ غير خدائي عمل آهي.

"ان الله لايظلم مثقال ذره و ان تڪ حسنہ يضٰعفها ويوتمن لدنہ اجرا عظيما(40.4)

ترجمو. الله ڪنهن تي ذري برابر ظلم نٿو ڪري جيڪڏهن ڪوئي هڪ نيڪي ڪري تہ الله ان کي ٻيڻو ٿو ڪري۽ پوءِ پنهنجي طرفان وڏو اجر عطا ڪري ٿو.
جيڪڏهن خدا چاهي تہ هو نا انصافي ڪري سگهي ٿو مگر جنهن گهڙي خدا نانصافي ڪندو تہ هو خدا نہ رهندو ڇاڪاڻ تہ اها ان جي صفت ناهي.

خدا نہ غلطيون ڪري ٿو ۽ نہ ئي ان کي ويسر آهي

خدا ڪنهن شيءِ ۽ ڳالهہ کي نٿو وساري ڇاڪان تہ ويسر هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو خدا جي لاءِ ناهي بلڪہ انسان جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کي ظاهر ڪري ٿي. اهڙي طرح خداءِ بزرگ برتر ڪا غلطي نٿو ڪري ڇاڪاڻ تہ غلطي ڪرڻ جو عمل هڪ غير خدائي عمل آهي.

"قال علمها عند ربي في ڪتاب لا يضل ربي ولا ينسيٰ(52.20)

ترجمو:موسيٰ(عليہ السلام) چيو ان ڳالهہ جو علم منهنجي رب وٽ هڪ لڪت ۾ محفوظ آهي منهنجو رب نہ غلطي ڪري ٿو نہ وساري ٿو.

## خدا، خدائي ڪم ڪندو آهي:

هو(خدا) هرشيءِ تي قدرت رکي ٿو.خدا جي متعلق هي اسلامي تصور آهي تہ هو هرشيءِ جي قدرت ۽ طاقت رکي ٿو قرآن مجيد ۾ گهڻين جڳهن تي آيل آهي تہ

"الله  عليٰ كل شيءٌ قدير (2-106)
ترجمو.الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو
قرآن مجيد وڌيڪ چئي ٿو ته
فعال لما يريد (16.85)
ترجمو.۽ جيڪي ڪجھ چاهي ڪرڻ وارو آهي

اسان جي لاءِ هي ڳالھ ذهن ۾ رکڻ لازمي آهي ته خدا صرف خدائي ڪم ڪندو آهي ۽ غير خدائي ڪم نه ڪندو آهي.

ڪجھ مذهبن ۾ اسان کي "حلول جو عقيدو" سڏي طرح يا اڻ سڌي طرح ڪٿي نه ڪٿي نظر اچي ٿو. انهن جو عقيدو هي آهي ته خداءِ بزرگ برتر جي ذات ايتري مقدس ۽ خالص آهي ته اهي انساني مجبوريون، تڪليفون ۽ احساسن کان ناواقف آهي. ان ڪري خدا زمين تي انسان جي روپ ۾ لٿو هو جيئن انسانن جي لاءِ واضح اصولن جو تعين ڪري سگھي. ڏوکي تي مشتمل ان منطق هر زماني ۾ گھڻن ماڻھن کي مغالطي ۾ رکيو آهي. هاڻي اسان ان ڳالھ جو جائزو وٺنداسين ۽ ڏسنداسين ته اهو صحيح آهي يا نه!

## خالق ئي هدايت جو پرچو تيار ڪيو آهي:

الله تعاليٰ اسان کي جائزي وٺڻ جي صلاحيت ۽ ذهانت عطا ڪئي آهي. اسان خاص ڪمن جي لاءِ ايجادون ۽ اوزار تيار ڪندا آيا آهيون مثلا اسان وڏي تعداد ۾ ٽيپ رڪارڊ ناهيون ٿا. ٽيپ رڪارڊ جي لاءِ ڪهڙي شيءِ بهتر آهي ۽ ڪهڙي بهتر ناهي. هي ڳالھ سمجھائڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊ ناهڻ وارو پاڻ ٽيپ رڪارڊ نٿو بڻجي وڃي ان جو سادو حل هي آهي ته ٽيپ رڪارڊ سان گڏ هڪ (Instuction Mannual) ڏنو وڃي چاڪاڻ ته اهو ادارو ٽيپ رڪارڊ جي هر شيءِ کان پوري ريت واقف هوندو آهي. مختصر اسان هي چئي سگھون ٿا ته ڪنهن مشين جي هدايتي ڪتابچي ۾ هي درج ٿيل هوندو آهي ته مشين کان ڪيئن ڪم ورتو وڃي چا ڪرڻ گھرجي؟ ۽ چا نه ڪرڻ گھرجي؟

جيڪڏهن اوهان سمجھو ٿا ته اسان انسان به هڪ مشين آهيون ۽ يقينن اسان الله تعاليٰ جي پيچيده تخليق آهيون. اسان جي خداءِ بزرگ برتر کي قطعا هي ضرورت ناهي ته انسان کي سنو يا خراب سمجھائڻ لاءِ پاڻ انسان جي روپ ۾ زمين تي اچي بلڪ ان جو ڪم  اهوئي آهي ته اهو پوري انسانيت جي رهنمائي

جي لاءِ هدايتي ڪتابچو نازل ڪري. قرآن مجيد بني نوع انسان جي لاءِ هڪ رهنما ڪتاب ئي آهي.

## الله پيغمبرن جي چونڊ ڪري ٿو:

الله تعاليٰ کي ان ڳالهہ جي ضرورت ناهي تہ اهو هدايتي ڪتابچہ کي پهچائڻ لاءِ پاڻ زمين تي اچي .پنهنجو مقدس پيعام ڏيڻ جي لاءِ الله تعاليٰ هر قوم مان خاص ماڻهن جي چونڊ ڪئي آهي. هي چونڊيل اهي عظيم ماڻهو خدا جا پيغمبر ۽ رسول سڏرائن ٿا.

## ڪجهہ ماڻهو انڌا ۽ ٻوڙا آهن

خدا جي انساني روپ ۾ اچڻ جو فلسفو توڙي جو نامعقول آهي مگر ان جي باوجود ڪيترن ئي مذهبن کي مڃڻ وارا ان تي يقين رکن ٿا ۽ ٻين کي بہ ان جي تبليغ ڪن ٿا ڇا هي ان انساني ذهانت جي توهين ناهي جيڪا خدا اسان کي ڏني آهي؟ الله اهڙن ماڻهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قابل بڻايو آهي ليڪن پوءِ بہ هي ماڻهو دراصل ”انڌا“ ۽ ”ٻوڙا“ آهن.

قرآن مجيد چوي ٿو تہ

صم بکم عمي فهم لا يرجعون (18.2)

ترجمو: هي ٻوڙا آهن گونگا آهن نہ وري ٻڌي سگهن ٿا انڌا آهن هي هاڻي واپس نہ ٿيندا

متيٰ جي انجيل ۾ بہ اهو پيغام ملي ٿو تہ

”اهي نہ ڏسي سگهن ٿا نہ ٻڌي سگهن ٿا ۽ نہ سمجهي سگهن ٿا (13.13)

هندن جي ڪتاب رگويد ۾ بہ اهڙو ئي پيغام موجود آهي.

”ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ ٿي سگهن ٿا جيڪي لفظن کي تہ ڏسن ٿا مگر دراصل انهن کي ڏسي نہ رهيا هوندا آهن جڏهن تہ ٻيا اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي انهن لفظن کي ٻڌندا آهن ليڪن حقيقت ۾ اهي انهن لفظن کي ٻڌي رهيا نہ هوندا آهن(10.71.4)

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ پڙهڻ وارن کي هي چيو وڃي ٿو تہ توڙي جو سمورين شيون گهڻيون صاف آهن پوءِ بہ اهي ماڻهو سچائي کان پري پيجي رهيا آهن.

# خدا جون صفتون

الله تعاليٰ سان ڪيترائي خوبصورت نالا منسوب آهن

قرآن مجيد چوي ٿو

قل ادعوا الله او ادعوا الرحمان اياما تدعو فلہ الاسماۂ الحسنيٰ(17.110)

ترجمو:اي نبي صہ ! انهن کي چئہ الله جي نالي سان سڏيو يا رحمان چئي ڪري جنهن نالي سان سڏيندو ان لاءِ سنا ئي نالا آهن.

الله تعاليٰ جي خوبصورت نالن جي متعلق انهي قسم جون ٻيون آيتون قرآن مجيد ۾ بار بار آيون آهن. سوره اعراف(7.180)، سوره طہ (20.8) سوره حشر(59.23.24)

قرآن مجيد الله تعاليٰ جون جيڪي صفتون بيان ڪري ٿو اهي 99 کان گهٽ ناهن جڏهن تہ الله جو لفظ سڀ کان اعليٰ ۽ بلند مقام جو نالو آهي. قرآن مجيد الله تعاليٰ جي لاءِ جيڪي نالا ڏنا آهن انهن ۾ "الرحيم" "الرحمان" ۽ "الحڪيم" گهڻن نالن مان ڪجهہ آهن. اوهان الله تعاليٰ کي ڪنهن بہ صفاتي نالي سان سڏي سگهو ٿا مگر اهو خوبصورت هجي .

خدا جي هر صفت يڪتا ۽ انهيءَ جي لاءِ مخصوص آهي

خدا نہ صرف يڪتا صفتن جو مالڪ آهي بلڪہ خدا جي هر صفت ۽ خاصيت ان جي سڃاڻ لاءِ ڪافي آهي. مان ان ڳالهہ کي اڳتي تفصيل سان ذڪر ڪندس. اسان پهريان ان ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن مشهور شخص مثلا آرمسٽرانگ جو مثال وٺون ٿا.

جيڪڏهن ڪو شخص هي چوي تہ نيل آرمسٽرانگ آمريڪي آهي. ان جي آمريڪي هئڻ جي خاصيت درست تہ آهي مگر ان جي اصل سڃاڻ جي لاءِ ڪافي ناهي. ان سان گڏوگڏ هو خلاباز بہ آهي. ان لاءِ ڪنهن منفر ۽ يڪتا شخص جي سڃاڻ جي لاءِ ان جي خاصيت بہ يڪتا هئڻ گهرجي. مثلا نيل آرمسٽرانگ اهو پهريون شخص هو جنهن چنڊ تي قدم رکيو هو. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص چوي تہ ڪنهن شخص سڀ کان پهريان چنڊ تي قدم رکيو تہ ان جو جواب هوندو"نيل آرمسٽرانگ". الله رب العزت جون صفتون بہ يڪتا ۽ منفرد هئڻ گهرجن. مثلا

ڪائنات جو خالق، جيڪڏهن مان هي چوان ته هو عمارت جو خالق به آهي ته هي ممڪن به آهي ۽ سچ به مگر هي ڪا اڻ ٽيٽي ڳالهه ناهي. هزارين ٻيا ماڻهو به عمارتون ناهيندا آهن ۽ ايئن خدا ۽ انسان جي درميان ڪو فرق نٿو رهي. انڪري الله جون صفتون به منفرد آهن جيڪي ڪنهن ٻي شيءِ ڪي بيان نٿيون ڪن سواءِ الله رب العزت جي. مثال طور:

الرحمان(سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو)

الرحيم(سڀ کان وڌيڪ مهربان)

جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته الرحيم ڪير آهي ته صرف هڪ جواب هوندو الله رب العزت

خدا جي هڪ صفت ٻئي صفت ڪي رد نٿي ڪري

اسان سمجهڻ لاءِ ٻيهر نيل آرمسٽرانگ جي مثال ڪي ڏسون ٿا.جيڪڏهن ڪو هي چوي ته آرمسٽرانگ آمريڪي خلانورد آهي ۽ فقط چار فٽ ڊگهو آهي ته پهرين خاصيت (آمريڪي خلانورد) ته درست آهي مگر ان سان ڳنڍيل ٻي صفت (ته هو چار فٽ ڊگهو آهي) هي ڳالهه غلط ٿيندي. اهڙي طرح ڪو هيئن چوي ته خدا ڪائنات جو خالق آهي جنهن جو هڪ مٿو، هٿ ۽ پير آهن ته پهرين صفت (خدا ڪائنات جو خالق) درست آهي مگر ٻي ڳالهه (انساني جسم جو هئڻ) بلڪل غلط ۽ ڪوڙ آهي.

تمام صفتون هڪ خدا واحد جي لاءِ آهن

جيئن ته خدا هڪ ئي آهي ته هي ضروري آهي ته سموريون خاصيتون صرف هڪ خدا ۽ ان  ئي خدا ڪي بيان ڪن. آرمسٽرانگ جو بيان ڪندي هي چوڻ غلط نه ٿيندو ته ان (آرمسٽرانگ) چنڊ تي پهرين قدم رکيو ۽ ٻيو ايڊن آلڊرن هو. ٻنهي جون صفتون هڪ ٻئي کان جدا جدا آهن. هي چوڻ ايئن ئي آهي جيئن خالق خدا هڪڙو ۽ پالڻ وارو ٻيو. ڇاڪاڻ ته هڪ واحد ۽ يڪتا خدا مجموعي طور تي انهن سمورين صفتن جو مالڪ آهي.

خدا جي وحدانيت

گهڻن خدائن ڪي مڃڻ وارا ماڻهو هي چون ٿا ته هڪ کان وڌيڪ خدائن جو تصور غير منطقي ناهي. هاڻي اسان ان نڪتي تي غور ڪنداسين ته گهڻن خدائن جي صورت ۾ اهي هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته

هر خدا ٻئي خدا جي مقابلي ۾ پنهنجي خواهش ۽ پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرندو. هي منظر اوهان هڪ ديومالائي قصن ۾ پڙهي سگهو ٿا جتي خدائن ۽ ڪائنات جي پوڄا ڪرڻ وارن جو عقيدو موجود هوندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو خدا ٻئي خدا کان شڪست کائي ويو يا ٻئي خدا ان خدا کي شڪست ڏني ته ڇا اهو خدا ٿي سگهي ٿو؟ يقينن اهو سچو خدا ٿي نٿو سگهي. گهڻن خدائن جي پوڄا ڪرڻ واري مذهبن ۾ اهو تصور عام آهي. هر خدا جو ڪم الڳ الڳ هوندو آهي. هر هڪ خدا، انسان جي وجود جي ڪنهن نه ڪنهن حصي جو ذميوار هوندو آهي مثلا سج جو خدا يا مينهن جو خدا وغيره اهڙي ريت گهڻن ڪمن جي لاءِ هڪ خدا ڪافي نه هوندو آهي. ٻئي طرف اهي خدا ٻين خدائن جي ڪمن کان اڻ واقف هوندا آهن.

ڇا خدا اڻ واقف ۽ نااهل هوندو آهي؟ نه بلڪل نه .جيڪڏهن هڪ خدا کان وڌيڪ خدا هجن ها ته بي ترتيبي، انتشار ۽ تباهي کان سواءِ اسان ٻيو ڪجهه نه ڏسون ها مگر اسان ڏسون ٿا ته ڪائنات ۾ مڪمل نظم وضبط ۽ توازن موجود آهي.

قرآن مجيد چوي ٿو ته

لو كان فيهما ألهته الا الله لفسدتا فسبحٰن الله رب العرش عما يصفون(21:22)

ترجمو:جيڪڏهن زمين ۽ آسمان ۾ هڪ الله کانسواءِ ٻيو خدا هجي ها ته (زمين ۽ آسمان) ٻنهي جو نظام بگڙي وڃي ها پوءِ پاڪ آهي الله عرش جو مالڪ انهن ڳالهين کان پاڪ آهي جيڪي اهي ماڻهو بيان ڪن ٿا.

هڪ کان وڌيڪ خدا هئڻ جي صورت ۾ اهي پنهنجي تخليق تي قبضو ڪري وٺن ها قرآن چوي ٿو ته :مااتخذ الله من ولد وما كان معه من الٰه اذا تذهب كل الٰه بما خلق ولعلا بعضهم عليٰ بعض سبحٰن الله عما يصفون(23:91)

ترجمو:الله ڪنهن کي پنهنجي اولاد ناهي بڻايو ۽ ڪو ٻيو خدا ان سان شريڪ ناهي جيڪڏهن ايئن هجي ها ته هر خدا پنهنجي مخلوق کي وٺي الڳ ٿي وڃي ها ۽ پوءِ هڪ ٻئي تي چڙهائي ڪري اچن ها. پاڪ آهي الله انهن ڳالهين کان جيڪي ماڻهو بيان ڪن ٿا.

بس صرف هڪ، عظيم، ۽ بزرگ خدا جو تصور ئي منطقي لحاظ کان خدا جو درست ۽ سچو تصور آهي.

كنفيوشزم ۽ ٻڌ مت اهڙن ڪجهه مذهبن مان آهن "لاادري"(اهڙو مذهب جيڪو خدا يا ڪائنات جي شروعات يا ڪنهن شيءِ جي متعلق ڪنهن علم رکڻ کان انڪار ڪن ٿا) مذهب آهن. هي مذهب خدا جي وجود تي ڪو بحث نٿا ڪن هي خدا جي وجود جي نه تصديق ڪن ٿا ۽ نه وري ترديد ڪن ٿا. جين مت به هڪ اهڙو ئي مذهب آهي جيڪو خدا جي انڪار تي مشتمل آهي ۽ خدا جي وجود تي يقين نٿو رکي.

سمورا مذهب صرف وحدانيت جو اقرار ڪن ٿا

خدا جي وجود تي يقين رکڻ وارا سمورا مذهب صرف هڪ خدا جي تصور ۽ اعتقاد تي گڏ ٿين ٿا اعليٰ سطح تي وڃي ڪري هي مذهب هڪ عظيم خدا تي يقين رکن ٿا. وڏن مذهبن جي ڪتابن ۾ دراصل وحدانيت جو ئي پيغام ملي ٿو يعني صرف هڪ خدا تي يقين آڻڻ.

ماڻهن پنهنجي ضرورت تحت ڪتابن ڪي تبديل ڪيو

وقت سان گڏوگڏ ماڻهن پنهنجي فائدي جي لاءِ اڪثر مذهبي ڪتابن ۽ صحيفن کي تبديل ڪيو ڪيترن ئي مذهبن ۾ توحيد جو تصور تبديل ٿيندي ٿيندي شرڪ بڻجي ويو قرآن مجيد ۾ تحرير ٿيل آهي ته

"فويل للذين يكتبون الكتاب بايدهم ثم يقولون هذا من عند الله ليشتروا به ثمنا قليلا فويل لهم مما كتبت ايديهم و ويللهم مما يكسبون(2:79)

ترجمو: پوءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجي هٿن سان شرع جا حڪم لکن ٿا پوءِ ماڻهن کي چون ٿا ته هي الله طرفان آيو آهي تان ته ان جي معاوضي ۾ ٿورو فائدو حاصل ڪري سگهن. انهن جي هٿن جو لکيل به انهن جي لاءِ تباهي جو سامان آهي ۽ انهن جي هي ڪمائي به انهن جي لاءِ هلاڪت جو سبب آهي.

# توحيد

## توحيد جي وصف:

اسلام "توحيد " تي يقين رکي ٿو جيڪو صرف هڪ خدا جو تصور پيش نٿو ڪري بلڪه اجا اڳتي به ڪجهه بيان ڪري ٿو.توحيد جي لفظي معنيٰ "وحدانيت" آهي. ان جو مطلب صرف هڪ خدا جو اقرار ۽ اظهار ڪرڻ آهي. توحيد جو لفظ عربي لفظ "واحد" مان ورتل آهي واحد جو مطلب ٿيندو آهي متحد ڪرڻ، هڪ ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

توحيد کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو

(1)توحيد الربوبيت

(2)توحيد الاسماء الصفات

(3)توحيد العباده

(1)توحيد الربوبيت(خدا جي هيڪڙائي جو اظهار)

"توحيد الربوبيت" پهريون درجو آهي. ربوبيت جو لفظ "رب" مان ورتل آهي. ان جو مطلب آهي مالڪ ،آقا يا پالڻ وارو.

انڪري توحيد الربوبيت جو مطلب ٿيندو رب جي وحدانيت جو اقرار ڪرڻ ۽ ان کي قائم رکڻ. توحيد جي هن درجي جو سڀ کان بنيادي تصور هي آهي ته الله تعاليٰ سمورين شين کي پيدا ڪيو جڏهن ڪجھ به موجود نه هيو. الله تعاليٰ سمورين شين کي عدم مان تخليق ڪيو يعني جڏهن ڪجھ به نه هيو ۽ خدا هر هڪ شيءِ ناهي. صرف اهو ئي اڪيلو پوري ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر شيءِ کي تخليق ڪرڻ وارو، پالڻ وار ۽ ان کي قائم رکڻ وارو آهي. ان کي هن (ڪائنات) جي اندر ۽ ان کان ٻاهر ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي هو هي ڪم ڪنهن جي مدد کانسواءِ ڪري ٿو پيو.

(2) توحيد الاسماء وصفات(الله جي نالن ۽ ان جي صفتن جي هيڪڙائي جو اقرار ڪرڻ)

ٻيو درجو"توحيدالاسماء وصفات" جو آهي. ان جو مطلب آهي ته الله جي نالن ۽ صفتن جي هيڪڙائي جو اظهار ڪرڻ. ان درجي جا پنج وڏيڪ رخ آهن.

(الف) الله رب العزت جو حوالو هن طرح هجڻ گهرجي ته جيڪو هن پاڻ ۽ ان جي نبي ڪريم صليٰ الله عليه وسلم بيان ڪيو آهي.

الله جا نالا ۽ حوالا هن طرح ڏيڻ گهرجن جيئن الله خود ۽ انجي نبي ڪريم صليٰ الله عليه وسلم الله جي لاءِ بيان ڪن ٿا ۽ هي نالا ۽ حوالا ان جي واضح نالن ۽ صفتن کان پري نه هجڻ گهرجن.

(ب) الله کي انهيءَ نالن،صفتن ۽ حوالن سان سڏڻ گهرجي جيڪي ان بيان ڪيا آهن. ان کي ڪنهن نئين نالي يا نئين صفت سان نه سڏڻ گهرجي. مثال طور الله رب العزت کي الغاضب (ناراض ٿيڻ وارو) سڏڻ غلط آهي حالانڪ ان پاڻ پنهنجي

متعلق بيان ڪيو آهي تہ هو ناراض ٿئي ٿو. پر هي لفظ ۽ صفت نہ الله ئي ۽ ان جي نبي ڪريم صليٰ الله عليہ وسلم ڪڏهن استعمال ڪئي آهي.

(ج) الله رب العزت جو حوالو ڏيڻ وقت ان جي مخلوق واريون صفتون استعمال نہ ڪرڻ گهرجن. خدا جو ذڪر ڪرڻ وقت اسان کي ان جي مخلوق واريون صفتون استعمال ڪرڻ کان سختي سان منع ڪيو ويو آهي. جيئن تہ انسان پنهنجي خطائن کي ياد ڪرڻ وقت سوچيندا آهن. هي توحيد جي اصولن جي بلڪل خلاف ورزي آهي. خدا ڪڏهن ناهي پڇتائيندو ڇاڪاڻ تہ هو خطا ناهي ڪندو ۽ ان کان ڪا غلطي بہ ادا ناهي ٿيندي.

توڙي جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو عمل انساني صفت آهي ۽ انسان سان اهي شيون بہ ڳنڍيل آهن ليڪن جڏهن خدا بزرگ و برتر جي لاءِ استعمال ٿين تہ انسان جي برخلاف الله ۾ هي صفتون ڪامل انداز ۾ موجود هونديون آهن ڇاڪاڻ تہ انسان کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي لاءِ اکين ۽ ڪنن جي ضرورت پوندي آهي ۽ انهن جي صلاحيت بہ تمام محدود هوندي آهي. انسان جي لاءِ خدا جي صفت استعمال نہ ڪرڻ گهرجي.

جيڪي صفتون صرف خدا جي لاءِ مخصوص آهن انهن کي انسان جي لاءِ استعمال ڪرڻ توحيد جي اصولن خلاف آهي. مثلا ڪنهن انسان جي لاءِ چوڻ تہ ان کي ڪا شروعات ۽ ڪو انجام ناهي يعني هو لافاني آهي. انسان جي لاءِ هي صفت استعمال ڪرڻ درست ناهي.

(د) الله جي مخلوق کي الله جي صفاتي نالن سان نہ سڏڻ گهرجي البتہ ڪجهہ مخصوص نالا انسان جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي مثلا رئوف ۽ رحيم وغيره الله هي نالا انسان جي لاءِ صرف ان صورت ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا جڏهن ان کان "عبد" جو لفظ لڳايو وڃي. عبد جي معنيٰ ٻانهو ياغلام آهي اهڙي طرح هي نالو عبدالرئوف يا عبدالرحيم ٿي ويندو.

(3) توحيد العباده

(الف) عبادت جو مطلب ۽ وضاحت

توحيدالعباده جو مطلب آهي الله جي عبادت کي قائم ڪرڻ. عباده عربي جو لفظ "عبد" مان ورتل آهي جنهن جو مطلب آهي خادم يا غلام. اهڙي طرح عبادت جو مطلب خدمت ۽ عبادت ٿي. نماز عبادت جو بلند ترين مثال آهي

ليڪن واحد مثال ناهي غلط فهمي جي بنا تي ماڻهو ظاهري نماز ئي کي خدا جي عبادت سمجهن ٿا مگر اسلام ۾ عبادت جو مفهوم هي آهي ته الله تعاليٰ جي مڪمل اطاعت ۽ غلامي اختيار ڪئي وڃي. عبادت جو مفهوم هي به آهي ته خدا جي حڪمن کي مڃيو وڃي ۽ انهن شين کان پري ٿجي جنهن شين جي باري ۾ منع ٿيل آهي ۽ عبادت صرف ان لاءِ ئي ڪئي وڃي.

(ب) توحيد جي ٽنهي درجن تي هڪ ئي وقت عمل ڪيو وڃي

جيڪڏهن توحيد جي صرف پهرين صورت تي عمل ڪيو وڃي ۽ توحيد العباده کي نظر انداز ڪري ڇڏجي ته هي عمل بيڪار هوندو. قرآن مشرڪن جو مثال ڏئي ٿو جيڪي نبي ڪريم صليٰ الله عليہ وسلم جي دور ۾ توحيد جي ٻن جزن جو اقرار ڪندا هئا مگر توحيد العباده تي عمل نه ڪندا هئا. قران مجيد ۾ آيل آهي ته:

ترجمو: انهن کان پڇا ڪريو ڪير اوهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق ڏئي ٿو؟ هي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت ڪنهن جي اختيار ۾ آهي؟ ڪير آهي بيجان مان جاندار کي ۽ جاندار مان بيجان کي پيدا ڪري ٿو؟ ڪير هن جهان کي هلائي رهيو آهي؟ اهي ضرور چوندا الله! چئه پوءِ توهان (حقيقت جي خلاف هلڻ کان) پرهيز نٿا ڪريو؟ (10.31)

اهڙي طرح هڪ ٻيو مثال قرآن مجيد جي سوره الزخرف ۾ آيو آهي ته

ترجمو: ۽ جيڪڏهن اوهان انهن کان پڇو ته انهن کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ته هي پاڻ چوندا ته الله پوءِ ڪٿان هي ذوڪو کائي رهيا آهن.

مڪي جا ڪافر ڄاڻيندا هئا ته الله ئي انهن جو خالق مالڪ، آقا ۽ پالڻ وارو آهي ان جي باوجود به انهن کي مسلمان نٿو چئي سگهجي ڇاڪاڻ ته اهي الله سان گڏوگڏ ٻين خدائن جي به عبادت ڪندا هئا ۽ خدا کي انهن جو شريڪ قرار ڏيندا هئا.

قرآن مجيد ۾ آهي ته

ترجمو: انهن مان گهڻا الله کي مڃن ٿا مگر اهڙي ريت ته ان سان گڏ ٻين کي شريڪ بڻائن ٿا (12.106)

تنهنڪري توحيد العباده کي توحيد جو سڀ کان وڏيڪ اهم ٿنڀ سڏيو وڃي ٿو. اهوئي (الله) ئي آهي جيڪو عبادت جي لائق آهي ۽ صرف اهوئي جيڪو انسان کي پنهنجي عبادت جي بدلي ۾ ڪجھ عطا ڪري سگهي ٿو.

# شرڪ

**شرڪ جي وصف :**

توحيد جي باري ۾ مٿي بيان ڪيل درجن يا قسمن ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي، گهٽتائي يا انڪار جي صورت ۾ ان کي ”شرڪ“ چئبو آهي. شرڪ جو مطلب هي آهي ته خدا جي صفتن يا ان جي خاصيتن ۾ ڪنهن کي شريڪ بنائڻ. اسلامي لحاظ کان ڏسون ته ان جو مطلب آهي ته الله سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ۽ هي بت پرستي جي برابر آهي.

شرڪ سڀ کان وڏو گناهه آهي جنهن کي الله معاف نه ڪندو.

قرآن مجيد جي سوره النساء ۾ شرڪ کي وڏو گناهه چيو ويو آهي

ترجمو: الله معاف نه ڪندو ان گناهه کي ته هن سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو وڃي ۽ معاف ڪندو ان ڪانسواءِ ٻيا گناهه جيڪي چاهي. جنهن الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي شريڪ بڻايو اهو گمراهي ۾ گهڻو پري نڪري چڪو.

شرڪ جهنم جي باهه جي طرف وٺي وڃي ٿو:

سوره النساء ۾ قرآن مجيد فرمائي ٿو ته

ترجمو:اي نبي صہ چئہ اي اهل ڪتاب اچو هڪ اهڙي ڳالهه جي طرف جيڪا اسان ۽ اوهان جي درميان هڪجهڙي آهي. هي ته اسان الله ڪانسواءِ ڪنهن جي ٻانهپ نه ڪنداسين ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نه بڻائينداسين ۽ اسان مان ڪو الله ڪانسواءِ ڪنهن کي پنهنجو رب نه بڻائيندو ان دعوت کي قبول ڪرڻ کان جيڪڏهن منهن ڦيرائن ته صاف چئي ڇڏ گواهه رهجو اسان ته مسلم( صرف خدا جي بندگي ڪرڻ وارا) آهيون.

عبادت ۽ اطاعت ڪنهن جي نه سواءِ الله جي:

قرآن مجيد جي سوره آل عمران ۾ ارشاد آهي ته

ترجمو: يقينن انڪار ڪيو انهن ماڻهن جنن چيو تہ الله، مسيح عليہ السلام ابن مريم ئي آهي حالانڪ مسيح ع چيو هو تہ اي بني اسرائيل! الله جي بندگي ڪريو جيڪو منهنجو رب بہ آهي ۽ اوهان جو بہ جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو ان تي الله جنت حرام ڪر ڇڏي ان جو گهر جهنم آهي ۽ اهڙن ظالمن جو ڪو مددگار ناهي"

# اختتام ۽ خلاصو

قرآن مجيد چئي ٿو تہ:

ترجمو:"(۽ اي مسلمانو) هي ماڻهو الله کانسواءِ جنهن کي سڏين ٿا انهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو ڪٿي ايئن نہ ٿئي تہ هي شرڪ کان اڳتي وڌي جهالت جي بنياد تي الله (حقيقي) کي گهٽ وڌ ڳالهائن اسان تہ اهڙي طرح هر گروهہ جي لاءِ ان جي عمل کي سهڻو ناهي ڇڏيو آهي پوءِ انهن کي پنهنجي رب جي طرف واپس اچڻو آهي ان وقت هو انهن کي ٻڌائي ڇڏيندو تہ هو ڇا ڪندا رهيا آهن. (6.108)

ترجمو: زمين ۾ جيڪي وڻ آهن جيڪڏهن اهي سڀ قلم ٿي وڃن ۽ سمنڊ (مَسُ) جنهن کي ست سمنڊ مس مهيا ڪن تڏهن بہ الله جون ڳالهيون (لکڻ لاءِ) ختم نہ ٿين بيشڪ الله زبردست ۽ حڪيم آهي. (31.27)

ترجمو:انسانو! هڪ مثال ڏنو وڃي ٿو غور سان ٻڌو جنهن معبودن کي توهان خدا کي ڇڏي سڏيو ٿا اهي سڀيئي ملي ڪري هڪ مک بہ پيدا ڪرڻ گهرن تہ هر گز نٿا ڪري سگهن بلڪ جيڪڏهن مک انهن کان ڪا شيءِ کسي ڪٽي وڃي تہ ان کان ڇڏائي بہ نٿا سگهن مدد گهرڻ وارا بہ ڪمزور ۽ جنهن کان مدد ورتي وڃي ٿي اهي بہ ڪمزور(22.73)

۽ سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جيڪوخالق مالڪ آقا ۽ سڄي دنيا کي پالڻ وارو آهي آمين ثم آمين.